# مشڪل ڪشا علي آ

ولين سندو ولي ڏس، مشڪل ڪشا علي آ،
آهي ڪو مرد اهڙو، لافتى علي آ.

www.ShahDeewano.com

ڪر مدد مسڪين جي، مشڪل ڪشا مولا عليؑ،
درد مان مون دانهن ڪئي، رس يا علي تون يا عليؑ.

واهون وسيلا سڀ ويا، رستا راهون بند ٿيا،
مشڪل مٿان مشڪل پيا، مشڪل ڪشا آهين عليؑ.

وارث آهين مدني سندو، امام تون امت سندو،
مالڪ آهين جنت سندو، لافتیٰ اِلا عليؑ.

”عاجز“ سندا سڏڙا سڻين، ڪر مهر مون مولا گهڻي،
تات تنهنجي مون ٿئي، آهي ورد مون نادِ عليؑ.

www.ShahDeewano.com

محبت علي سان ايمان آهي، بنا حب علي جي بي ايمان آهي.
سڻي جيڪو سڏڙا ٿو، شاههِ نجف ۾، ڪري مدد هر جي، هي سندس شان آهي.

نهارڻ علي ۾ عبادت آهي، نه ملي ڪنهن کي اهڙي سعادت آهي،
سندس هر حڪم ۾ صداقت آهي، شاهد جنهن جو قرآن آهي.

محمد جي امت جو امام آهي، خدا جي طرف کان انعام آهي،
جيڪو در علي جو غلام آهي، سدا خوش رهي هي اعلان آهي.

سندس ذات الله جو نور آهي، منافق کي قدرت هنيو انبور آهي،
لهندو ڪين تنهن کي ڪڏهن سور آهي، ”عاجز“ سندو هي ايمان آهي.

تات مون تن ۾، من ۾ علي علي،
مولا مومنن جو، ڪر ياد علي علي.

شير خدا جو شان ڏس، مشڪل ڪشا آ مولا،
فاتح ڪوٽ خيبر، پڙهه ناد علي علي.

حيدر جي هڪ هڪل سان، ڪفار ڪيئن ڪنبن ٿا،
واپس وري سج ٿو، هي شان آ علي علي.

”عاجز“ گدا ازل کان، روز تائين قيامت،
ڏيندو مون جام ڪوثر، امام مون علي علي.

علي امام منهنجو، روز ازل کان آهي،
من ڪنت مج مولا، ايمان منهنجو آهي.

محبوب مصطفيٰ جو، فاتح ڪوٽ خيبر،
وارث نبي احمد، اهڙو ڪو ٻيو آهي؟

لافتيٰ علي ڏس، آهي ڪو مرد اهڙو،
ثاني نه دوجهان ۾، شيرِ خدا جو آهي.

جنهن جي سخا سدائين، روزِ قيام تائين،
”عاجز“ سندو سو مولا، مشڪل ڪشا آهي.

www.ShahDeewano.com

مشڪل ڪشا مولا، مشڪل ڪشائي ڪر تون،
دانهون ڪيم درد مان، مولا مدد ڪر تون.

سڀئي سخي سوالي، شاهہِ نجف جا والي،
ڪر مهر تن تي مولا، پورا سوال ڪر تون.

مومن سندا مولا، تنهنجي سخا سدائين،
مان ملي منگتن، يا علي ڪرم ڪر تون.

”عاجز“ ٿي گدا تون، گهر ٻار ڪر فدا تون،
بي مثال ڀلارا، پرم رک منهنجو تون.

ولين سندو ولي ڏس، مشڪل ڪشا علي آ،
آهي ڪو مرد اهڙو، لافتى علي آ.

ثاني نه دوجهان ۾، شير خدا جو آهي،
شهر علم جو وارث، بابِ علم علي آ.

جنهن کي ڏسڻ عبادت، دوجهان کان افضل،
من ڪنت چئو مولا، مولا مڃ علي آ.

”عاجز“ ڪر ثنا تون، نائب نبي جي هردم،
ذڪر ڪر تون ذر ذر، پڙهه ناد علي علي آ.

www.ShahDeewano.com

# پنجتن پاڪ

پنجتن پاڪ پيارا، رب جي رضا آهن،
راضي ڪيو جن رب کي، سردار سڀني آهن.

محمد جو شان شاهي، اعليٰ سڀ کان افضل،
لولاڪ جا سي مالڪ، حجت الله جي آهن.

شان ڏس علي جو، والي سو ولايت،
سچ وري ٿو واپس، پرور جا پيارا آهن.

حسن حسين ڏس تون، دين حق جا داعي،
قربان ڪربلا ۾، پٽڙا رسول آهن.

سيده تان صدقو، ٿي آل نبي تان "عاجز" ،
جاگير جن جي جنت، سي جنت جوان آهن.

www.ShahDeewano.com